قرآني بيان

# واعدو نڀايو!

(سيپارو:1، سوره بقرة:40)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مسجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

10 اپريل، 2026ء

( متوقع اسلامي تاريخ: 21 شوال شريف، 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 17 اپريل، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ:28 شوال شريف، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# واعدو نڀايو! (سيپارو:1، سوره بقرة:40)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... سمجهائڻ جو پيارو انداز

✿... نعمت کي ياد ڪرڻ

✿... پُرسڪون زندگي گذارڻ جو نسخو

✿... ڀريان دنيا يا ڀريان دين....؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُالْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ كُلَّ يومٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَكُلَّ لَيْلَةٍ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ حُبًّا وَّشَوْقًا اِلَيَّ كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ اَنْ يَّغْفِرَ لَهُ ذُنُوبَهُ تِلْكَ اللَّيْلَةِ وَذٰلِكَ الْيَوْمَ۔

ترجمو: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ مَحَبَّت جي ڪري 3، 3 ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ تي حق آهي ته هو ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي.[1]

| | |
|---|---|
| برسے گی رحمتِ شہِ ابرار بالیقیں | مٹ جائے گا گناہوں کا کاجل، درود پڑھ |
| ان کی ہی بارگاہِ مُنَوَّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ |
| دنیا کی الجھنوں سے ملے گی تجھے نجات | گر چاہیے نجات مسلسل درود پڑھ |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

يٰبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْۤ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِيْۤ

اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ۝۴۰ (سيپارو: 1، البقرة: 40)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] …كتاب الصلاة على النبى، باب الصلاة على النبى عند الصباح...الخ، صفحہ:28، حديث:62۔

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي يعقوب جي اولاد! ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو مان توهان جو عهد پورو ڪندُس ۽ صرف مون کان ڊڄو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بني اسرائيل جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن ۞ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا پوٽا آهن ۞ سندن 12 پٽ هئا، هڪ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام ۽ 11 انهن جا ڀائر ۞ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جو هڪ لقب اسرائيل بہ آهي، ان ڪري سندن اَوْلاد کي يعني سندن جي انهن 12 پٽن کي، پوءِ اڳتي انهن 12 مان جيڪو نسل هليو، انهن سڀني کي بني اسرائيل چوندا آهن،[1] اسرائيل پنهنجي زماني جي گهڻي فضيلت واري قوم آهي ۞ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کان پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين ڪم و بيش (اڪثر) سڀ نبي بني اسرائيل ۾ تشريف ڪٺي آيا ۞ 4 وڏن آسماني ڪتابن مان 3 ڪتاب: ۞ تورات ۞ زبور ۽ ۞ انجيل، بني اسرائيل جي لاءِ ئي نازِل ٿيا ۞ پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهِري زندگي مبارڪ ۾ بہ بني اسرائيل موجود هئا ۽ مديني پاڪ ۾ بہ رهندا هئا، هاڻي بہ ڪٿي ڪٿي موجود آهن. اسان پهرئين سيپاري، سورت بقره جي آيت نمبر 40 پڙهي، هن آيتِ ڪريمہ کان وٺي پهرئين سيپاري جي آخر (يعني آيت: 141) تائين گهٽ وڌ 102 آيتن ۾ بني اسرائيل سان ئي خطاب آهي ۞ انهن کي ايمان قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي ۞ انهن تي جيڪي الله پاڪ جا انعام ٿيا ۽ ان جي مقابلي ۾ جيڪي انهن ناشڪريون ڪيون، جيڪي ڏوهہ (جرم) ڪيا اهي کين ياد ڏياريا ويا ۽ ۞ دعوت ڏني وئي تہ هاڻي توهان سڌري وڃو! ۽ اسان جي پياري نبي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] ...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحہ:328 خلاصةً۔

جو ڪلمو پڙهي دُنيا ۽ آخرت ۾ عزّت ماڻيو...!! قرآنِ ڪريم جي هن نيڪي جي دعوت جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي بني اسرائيلن ڪلمو بہ پڙهيو، صحابيت جي درجي تي بہ فائِز ٿيا ۽ گهڻن ڪفر جو رستو بہ اختيار ڪيو.

اسان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هڪ هڪ، بہ بہ ڪري اهي آيتون پڙهنداسين ۽ انهن مان جيڪو اسان کي سبق ملي ٿو، ان کي سکڻ جي ڪوشش ڪنداسين، اڄ اچو! سيپارو: 1، سُورَت بقره جي آيت: 40 پڙهي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا:

## آيتِ ڪريم جي مُختصَر وضاحت

الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ<br>(سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي يعقوب جي اولاد! |

| | |
|---|---|
| اُذْكُرُوْا نِعْمَتِیَ الَّتِیْٓ اَنْعَمْتُ عَلَیْكُمْ<br>(سيپارو: البقرة: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو. |

يعني اهي نعمتون جيڪي توهان تي، توهان جي ابن ڏاڏن تي ٿيون، مثال طور۞توهان کي سڄي زماني تي فضيلت ڏني وئي۞توهان جي نجات جي لاءِ فرعون کي غرق ڪيو ويو۞توهان جي لاءِ درياءِ نيل ۾ 11 رستا ناهيا ويا۞توهان جي لاءِ آسمان مان منّ و سلويٰ لاٿو ويو۞توهان جي گُناهن کي بخشيو ويو۞توهان جي لاءِ انبياء موڪليا ويا۞ڪتاب لاٿا ويا۞توهان کي بادشاهتون عطا ٿيون۞توهان کي عروج بخشيو ويو۞توهان کي زماني جو پيشوا بڻايو ويو، وغيره هزارين انعام آهن،

جيڪي سڀي انسانيت کان هٽي خاص طور تي توهان تي ٿيا، انهن سڀني انعامن کي ياد ڪريو![1]

هي ياد ڪري پوءِ ڇا ڪرڻو آهي؟ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَاَوْفُوْابِعَهْدِیْۤاُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ (سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو مان توهان جو عهد پورو ڪندُس. |

يعني اهو واعدو جيڪو توهان کان ورتو ويو، اهو توهان پُورو ڪريو، ان جي بدلي ۾ اهو واعدو جيڪو اسان توهان سان ڪيو، اسان اهو پُورو ڪري ڇڏينداسين. هن عهد (واعدي) مان ڪهڙو عهد مراد آهي؟ ان باري ۾ مُفسرينِ ڪرام جا مختلف قول آهن: (1): ڪن فرمايو ته بني اسرائيل کان واعدو ورتو ويو ته جڏهن مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي اچن ته توهان انهن جو ڪلمو پڙهجو، تنهنڪري فرمايو ويو ته توهان اسان جي محبوب جو ڪلمو پڙهي وٺو! اسان توهان کي دُنيا ۽ آخرت ۾ بلند شان عطا ڪري ڇڏينداسين[2] (2): ڪجهه روايتن ۾ آهي: ان جي معنيٰ آهي ته توهان الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪريو! الله پاڪ توهان کي جنت عطا فرمائيندو.[3]

| | |
|---|---|
| وَاِيَّایَ فَارْهَبُوْنِ ۝ (سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجموڪنزُ العرفان: ۽ صرف مون کان ڊڄو. |

۽ توهان کي جيڪو پنهنجي آمدني بند ٿيڻ جو ڊَپ آهي، ان کي دل مان ڪڍي ڇڏيو. صرف اسان کان خوف ڪريو جيڪڏهن توهان ايمان آندو

[1] … تفسير طبری، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحه:287، رقم:801 تا 804 ملتقطًا۔

[2] … تفسير بغوی، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحه:41 خلاصةً۔

[3] … تفسيرطبری، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحه:288، رقم:807۔

تہ ڏسجو تہ۞توهان جي عزّت ۽ آبرو ۞ مال ۽ دولت وغيره ۾ ترقي ٿيندي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيت مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ اَهَم سبق آهن جيڪي هن آيتِ ڪريمہ مان اسان کي سکڻ لاءِ مليا:

### (1): سمجھائڻ جو پيارو انداز

پهريون سبق اهو آهي تہ جڏهن ڪنهن کي سمجھائڻو هجي، نيڪي جي دَعوت ڏيڻي هجي تہ ان جي لاءِ اَلفاظ خوبصُورت استعمال ڪرڻ گهرجن، ڏسو! انهن غير مسلمن کي اي بني اسرائيل! چئي مخاطب ڪيو ويو. عُلَماء فرمائن ٿا: حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جا والِد حضرت اِسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي نبي هئا، هڪ ڀيري پاڻ اڪيلائي ۾ تشريف وٺي ويا ۽ ڪمري جي دروازي تي پنهنجي پٽ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي بيهاري ڇڏيو، فرمايو: ڪنهن کي منهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏجو. حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام دروازي تي بيهي رهيا، ايتري ۾ هڪ فِرشتو اِنساني شڪل ۾ حاضِر ٿيو، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام سڃاڻي نہ سگھيا تہ هي فِرشتو آهي، تنهنڪري پاڻ ان کي اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏيو، فرشتي ڏورو اِصرار ڪيو، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام بہ وڌيڪ روڪيو، انهن ٻنهي حضرات جو ڏورو آواز بلند ٿيو تہ حضرت اِسحاق عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ ٻاهَر تشريف ڪڻي آيا ۽ فرمايو: پٽ! هي فرشتو آهي، هن کي اندر اچڻ ڏي!

---

[1] ... تفسيرنعيمى، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحہ:327۔

فِرشتو اندر هليو ويو، ان وقت فِرشتي چيو: ڏاڍو فرمانبردار شهزادو آهي ۽ توهان کي اِسرائيل جو لقب ڏنو.[1] اِسْرَائيل جي معنيٰ آهي: الله پاڪ جو فرمانبردار ٻانهو. ان کري انهن غير مسلمن کي اي بني اسرائيل چئي سڏيو ويو، يعني اي اهي انسانو! جن جا والِد ڏاڍا فرمانبردار هئا، توهان به پنهنجي والد جي طريقي تي هلو ۽ الله پاڪ جا فرمانبردار ٻڻجي وڃو![2]

هي هڪ خوبصُورت خطاب آهي، ان ۾ هي سبق آهي ته جڏهن ڪنهن کي سمجهائڻو هجي ته اهڙن پيارن، خوبصُورت ۽ ترغيبي لفظن سان سمجهيو وڃي، ظاهِر آهي جڏهن اسان ڪنهن کي۞اي بيوقوف!۞اي گنهگار جا پٽ!۞تنهنجو پيءُ به اهڙو هو وغيره چونداسين ته سامهون وارو نه سمجهندو، ابتو ضدي ٿي ويندو. ان کري سمجهائڻ وقت سنا سنا لفظ استعمال ڪريو، مثال طور توهان ته ڏاڍا سنا آهيو، مَاشَآءَ الله! توهان جا والد فُلاڻي نيڪي ڪندا هئا، توهان جي اندر به هي هي چڱايون آهن، نماز به پڙهندا ڪريو! هن کي سينڊوچ ميٿڊ (Sandwich Mathod) چوندا آهن، يعني سمجهائڻ جي شروعات به سامهون واري جي چڱائين سان ڪريو، اِختتام به چڱائين تي ڪريو، وچ ۾ ان ڳالهه جو ذِڪر ڪريو، جيڪا ان ۾ بُرائي پائي وڃي ٿي. ان سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! سمجهائڻ جو فائدو وڌيڪ ٿيندو.

## (2): نعمتون ياد ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ بني اسرائيل کي فرمايو:

| | |
|---|---|
| اُذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ<br>(سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو. |

[1] … تفسير نعيمى، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحه:324۔

[2] … تفسير روح المعانى، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحه:327 خلاصتًہ۔

هن مان معلوم ٿيو نعمتن کي ياد ڪرڻ ڏِل ۾ فرمانبرداري وڌائيندو آهي، ان ڪري بني اسرائيل کي چيو ويو تہ جيڪي نعمتون توهان تي ٿيون، انهن کي ياد ڪريو! ۽ ان جي ذريعي سان الله پاڪ جا فرمانبردار بڻجي وڃو...!!

## نعمت کي ياد ڪرڻ عِبَادت آهي

مشهور مُفَسّرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن هنڌ فرمايو:۞رَبّ جي نعمت۞پنهنجا گُنَاهہ ۽۞ ٻين جا سنا سلوڪ ياد رکڻ، ياد ڪرڻ عِبَادت آهي، اهڙي طرح ۞ رَبّ جا امتحان۞پنهنجون نيڪيون ۽ ۞ ٻين جو برو سلوڪ ويساري ڇڏڻ عِبَادت آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڪيتري پياري ڳالهہ آهي پر افسوس! اسان وٽ ان جو ابتو رواج آهي، رَبّ جي نعمت کي ياد رکڻ ۽ امتحانن کي پلجي وڃڻ عبادت آهي۞اسان ماڻهو امتحانن کي، آزمائشن کي ياد رکندا آهيون، نعمتن کي ويساري ڇڏيندا آهيون۞ڀانهو بيمار ٿي پوي تہ اها بيماري ڏاڍي ياد رهندي آهي، تندرستي ياد ناهي رهندي۞ هڪ وقت ماني نہ ملي تہ اهو وقت ڏاڍو ياد رهندو آهي جڏهن تہ زندگي جا سوين ڏينهن ماني ملندي رهي، اها ياد ناهي رهندي.

## تندرستي جي پٽي

هڪ ڀيري ڪنهن مٿي تي پٽي ٻڌي رکي هئي، حضرت رابعہ بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا ڏسي ڪري پڇيو: ڇا ٿيو آهي؟ پٽي ڇو ٻڌي آهي؟ ان چيو: مٿي ۾ سخت دَرد آهي، ان ڪري ٻڌي آهي. فرمايو: ايترو عرصو تندرست رهيا، ان جي تہ پٽي نہ ٻڌي، هڪ ڏينهن دَرد ٿيو تہ پٽي ٻڌي ورتي.[2]

---

[1]... تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحہ:325 ملتقطًا۔

[2]... تذکرة الاولياء، جلد:1،باب ہشم، ذکر رابعہ رَحمةُ اللّٰہِ عَلَيْہ، صفحہ:72۔

دَرد ٿئي ته پٽي ٻڌڻ بلڪل جائِز آهي بلڪ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان به مٿو ٻڌڻ ثابِت آهي،[1] حضرت رابعه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا تنبيهه ڪرڻ لاءِ فرمايو ته جهڙي طرح پٽي ٻڌي پنهنجي دَرد جو اِظهار ڪري رهيا آهيو، اهڙي طرح جيترا ڏينهن تندرست رهيا، ان تي شڪر به ڪرڻ گهرجي.

مطلب ته اسان کي دَرْد ياد رهندو آهي، سڪون وسري ويندو آهي، آزمائش ياد رهندي آهي، نعمت وسري ويندي آهي، اها اُبتي ڳالهه آهي، نيڪي اها آهي ته اسان نعمت کي ياد رکون ۽ آزمائش کي ڀلجي وڃندا ڪريون.

اهڙي طرح پنهنجي گُنَاهه کي ياد رکڻ ۽ نيڪين کي ڀلجي وڃڻ عِبَادت آهي، هتي به اسان جو رواج ابتو آهي، ماڻهو نيڪيون ياد رکندا آهن، گُنَاهه ڀلجي ويندا آهن۞ هڪ ڏينهن جو پڙهيل تهجد ياد رهندو آهي، 50 ڏينهن جون قضا ڪيل نمازون ياد ناهن هونديون۞ ڪجهه ماڻهو وڏي فخر سان ٻڌائي رهيا هوندا آهن، هن پيري مون رمضان ڪريم جا 10 روزا رکيا، ڪو ڪين ٻڌائي ته ڀائو! توهان 19 يا 20 روزا قضا ڪري ڇڏيا!۞مسجد ۾ ڏنل 10 رُپيا ياد رهندا آهن، واپار ۾ ڏندي هٽي ڪمايل هزارين رپيا ڀلجي ويندا آهن۞اهڙي طرح ماڻهن جا نيڪ سلوڪ ياد رکڻ ۽ بدسلوڪي کي ڀلجي وڃڻ عبادت آهي پر اسان وٽ بدسلوڪي ياد رکي ويندي آهي، نيڪ سلوڪ وساريا ويندا آهن. يعني اسان ابتا هلندا آهيون، جنهن شيءِ کي ياد رکڻ عبادت آهي، اسان ان کي ڀلجي ويندا آهيون ۽ جنهن ڳالهه کي ڀلجي وڃڻ عبادت آهي، اسان ان کي ياد رکندا آهيون. الله پاڪ اسان کي نيڪ هدايت ڏي. نعمتون ياد رکڻ جي عادت ٻڌايو!

---

[1]… مُصَنَّفْ اِبْنِ اَبِیْ شَیْبَہ،کتاب المغازی،ما جاء فی وفاة النبی،جلد:8،صفحہ:568،حدیث:17۔

# پُرسڪون زندگي گذارڻ جو نسخو

هي پُر سڪون زندگي گذارڻ جو تمام اَهَم نسخو آهي. ماهرينِ نفسيات ٻڌائين ٿا: هر شخص کي گھرجي تہ پاڻ وٽ موجود نعمتن جي لسٽ ناھڻ جي عادَت ٻڻائي. يعني ڪاغذ قلم کڻي ويهي رهو ۽ لکو تہ مون کي اللّٰه پاڪ ڇا ڇا ڏنو آهي ۞ اللّٰه پاڪ هٿ ڏنا! ۞ ڪن ڏنا! ۞ اک ۞ نک ۞ زبان ۞ پير ڏنا ۞ وار عطا فرمايا ۞ پوءِ جسم جا اندروني عضوا آهن ۞ رهڻ لاءِ گھر مليو ۞ هلڻ لاءِ زمين ملي ۞ سائبان لاءِ آسمان مليو ۞ اسان جي لاءِ ميوا ۞ گل ۞ سبزيون پوکيون ويون ۞ ڪڪر اچن ٿا ۞ بارش وسي ٿي۞ سيارو گرمي نصيب ٿئي ٿي ۞ ڪروڙين ڪروڙ نعمتون آهن ۞ اسان ڳڻڻ ويهون تہ ڳڻي نہ سگھنداسين، انهن نعمتن جي لسٽ ناهيو ۞ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! احساسِ ڪمتري کان جان ڇٽي ويندي، اسان جيڪي ٻين کي ڏسي ڏسي مايُوس ٿي رهيا هوندا آهيون تہ فُلاڻي کي هي مِلي ويو، هو ملي ويو، مان تہ ويچارو محروم رهجي ويس، پنهنجي تہ قسمت ئي خراب آهي وغيره، اهڙا جيڪي شڪوا ڪندا آهن، انهن کان جان ڇٽي ويندي ۞ حَسَد کان بچڻ جو بہ بهترين طريقو آهي، پاڻ وٽ موجود نعمتن کي ياد ڪريو! ٻين کي مليل نعمتن کي لالچي نظر سان ڏسڻ جي نوبت نہ ايندي ۞ اهڙي طرح پنهنجي نعمتن کي ياد ڪرڻ دِل کي فرمانبردار ٻڻائيندو آهي ۞ توهان ڪڏهن مليل نعمتن جي لسٽ ناهيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دِل مان اَلحَمْدُ لِلّٰه! نڪرندو ۞ دِل ۾ اللّٰه پاڪ جي محبت وڌندي، تجربو ڪري ڏسو! ڪنهن ڏينهن نعمتن جي لسٽ ناهيو! ان ڏينهن جيڪو سجدو ڪندؤ، ان جو لطف ئي جُدا هوندو.

مطلب هي تمام اَهَم ڪم آهي جيڪو اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ڪندو رهڻ گھرجي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دِل ۾ محبتِ اِلٰهي وڌندي ۽ دُنيا ۽ آخرت ۾

ڪاميابي نصيب ٿيندي. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): واعدو نڀايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري: 1، سوره بقره، آيت: 40 مان ٿيون ۽ اَهَم تَرين سبق جيڪو اسان کي سکڻ لاءِ مِليو، اهو هي ته اللّٰه پاڪ بني اسرائيل کي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِیْۤ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْۚ (سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجموڪنزُ العرفان: ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو مان توهان جو عهد پورو ڪندُس. |

يعني اي بني اسرائيل! توهان منهنجي فرمانبرداري ڪريو! مان توهان کان راضي ٿي ويندس ۽ توهان کي جنت ۾ داخل ڪندس.[1]

مثال طور۞اسان کي نماز جو حڪم ڏنو ويو۞روزا فرض فرمايا ويا ۞حج، زڪوات جو حڪم ڏنو ويو۞عِبَادت ۽ رياضت جو حڪم ڏنو ويو ۞سرڪارِ مدينه صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنائڻ جو درس ڏنو ويو ۞ ماءُ پيءُ جي خِدمت، پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ ۞ مائٽن سان چڱائي وغيره سوين نيڪين جو حڪم ڏنو ويو، اهي سڀ اللّٰه پاڪ جا عهد آهن، اهي نڀايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دُنيا ۾ رزق، برڪت، سڪون، اطمينان، ڪاميابي، عروج ۽ آخرت ۾ جنّت ۾ داخلا نصيب ٿيندي.

---

[1]… تفسير طبری، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير آيت:40، جلد:1، صفحہ:289، رقم:809۔

## منهنجي ذِميداري نماز پڙهائڻ آهي

چون ٿا: هڪ نيڪ شخص جيڪو تمام غريب هو، نمازِ عشاء کان فارِغ ٿي گهر آيو ته ڏٺائين ته ٻار سُتل آهن. ان زال کان پڇيو: ڇا ٻارن عشاء جي نَماز پڙهي ورتي...؟ زال (Wife) چيو: نه. گهر ۾ ماني هئي ڪانه، ٻار بک کان رُئي رهيا هئا، تنهنڪري مون انهن کي ائين ئي پرچائي سمهاري ڇڏيو. ان نيڪ شخص چيو: انهن کي جاڳايو! ۽ نَمازِ عشاء پڙهايو! زال منٿون ڪندي نرم لهجي ۾ چيو: ٻار ٻکيا آهن، گهر ۾ ڪجهه کائڻ لاءِ ناهي، جاڳي پيا ته پوءِ ماني گهرندا، بک کان روئيندا. تنهنڪري انهن کي سمهڻ ڏيو! مڙس جذبهءِ ايماني سان چيو: منهنجو ڪم انهن کي ماني ڏيڻ ناهي، نَماز پڙهائڻ آهي. مان پنهنجو ڪم ڪندُس. رِزق جو ذِمو الله پاڪ ڪنيو آهي. هي چئي ان نيڪ شخص ٻارن کي جاڳايو ۽ انهن کي مصلّي تي بيهاري ڇڏيو. اڃا ٻار نَماز ئي پڙهي رهيا هئا ته دروازي تي ڪڙڪو ٿيو، ٻاهَر هڪ شخص وڏي ٿالهه (Tray) ۾ ڪيترن ئي قسمن جا کاڌا کڻي بيٺو هو. ان اهو ٿالهه ان نيڪ شخص کي ڏنو ۽ هليو ويو.

سُبْحٰنَ الله! هي آهي تَوَڪُّل جي بَرَڪَت...!! رِزق جو ذِمو الله پاڪ ڪنيو آهي، هو اسان کي بکيو نه رهڻ ڏيندو. اسان مُناسب طَور تي حلال رِزق ڪمايون، باقِي معاملو الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏيون. اَصل ۾ جيڪا اسان کي فِڪر ڪرڻي آهي اها نيڪ ڪمن جي فِڪر آهي، جنّت ۾ وڃڻ ۽ جهنّم کان بچڻ جي فِڪر آهي. هي اسان جي ذِمي آهي، اسان کي ان تي وڌيڪ تَوَجهه ڏيڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهرين دُنيا يا پهرين دِين...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڄاڻون ٿا تہ نيڪي ۾ سڪون آهي، اطمينان آهي، برڪت آهي، رحمت آهي، رَبّ جي رضا آهي، ان جي باوُجود اسان نيڪي جي طرف وڌي نہ ٿا سگهون، ان جو سبب ڄاڻو ٿا ڇا آهي؟ اسان جي نظر ۾ دُنيا جي اهميت وڌيڪ آهي. يعني اسان ماڻهو دُنيا کي پهرين ۽ آخرت کي بعد ۾ رکندا آهيون، مثال طور ڪم تي لازمي وڃڻو آهي، ٽائِيم مليو تہ نماز بہ پڙهي وٺنداسين، نہ تہ (مَعَاذَ الله!) قضا ڪري وجهنداسين. يعني ماڻهو آخرت جي مُعَاملن ۾ سمجهوتو ڪري وٺندا آهن، دُنيا جي مُعَامِلي ۾ ناهن ڪندا. دُنيا جي ڳالهہ هجي تہ اسان اڄ ۽ هينئر تيار آهيون، آخرت جي ڳالهہ هجي، نيڪي جي ڳالهہ هجي، نماز، روزي جي ڳالهہ هجي تہ... رمضان کان شروع ڪري وٺنداسين، سياٽي کان نمازون شروع ڪندس، هي جيڪو اسان جو رَوَيو آهي، هي غلط آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا٘ۖ(۱۶) وَ الْاٰخِرَةُ خَیْرٌ وَّ اَبْقٰىؕ(۱۷)<br>(سيپارو: 30، الاعلى: 16_17) | ترجموڪنزُالعرفان: بلڪ توهان دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏيو ٿا ۽ آخرت بهتر ۽ باقي رهڻ واري آهي. |

ان جو اُبتو ڪرڻ سکو! آخرت کي پهرين ۽ دُنيا کي بعد ۾ رکڻ شروع ڪريو! ڏسجو: زندگي سڌري ويندي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: الله پاڪ آخرت جي طلبگار کي دُنيا تہ عطا فرمائي ڇڏيندو آهي پر دُنيا جي طلبگار کي آخرت عطا ناهي فرمائيندو.[1] ان ڪري اسان کي گهرجي تہ آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون، دُنيا قسمت ۾ هوندي تہ پاڻ ئي ملي ويندي.

[1]... الزهد لابن المبارک، الجزء الرابع، باب هوان الدنيا على اللّٰه عزوجل، صفحہ:186، حديث:549 خلاصةً۔

# تَوبھ جو ذِھن ڪيئن ٿيو...؟

ھڪ بزرگ ھئا، انھن کان ڪنھن پڇيو: سائين! توھان جو تَوبھ ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي عبادت جي طرف اچڻ جو ذِھن ڪيئن ٿيو؟ انھن پنھنجو واقعو ٻڌايو، فرمايائون: مان چڪي ھلائيندو ھئس (يعني چڪي ذريعي اٽو پيھندو ھئس). رھائش ڳوٺ ۾ ھئي، جمعو پڙھڻ جي لاءِ پري شھر جي جامع مسجد ۾ وڃڻو پوندو ھو، ھڪ ڀيري خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات ھئي، مون سان عجيب معاملو ٿيو۞منھنجي ھڪ ٻني ھئي ان کي پاڻي ڏيڻو ھو۞چڪي تي اناج بہ رکيل ھو، اھو پيھڻو ھو۞منھنجو ھڪ گڏھ ڏاريل ھو، ان اوچتو رسي ڇڏائي ۽ ڀڄي ويو. ھاڻي وڏي پريشاني ٿي: مان اڪيلو ماڻھو۞ٻنيءَ کي پاڻي ڏيان تہ نہ گڏھ ملندو، نہ اٽو پيسجندو۞اٽو پيھان تہ نہ گڏھ ملندو، نہ ٻنيءَ کي پاڻي ملندو۞گڏھ ڳوليان تہ نہ ٻنيءَ کي پاڻي ملندو، نہ اٽو پيسجندو، مطلب تہ مونکي 2 نقصان ھر صُورت ڪٽڻا پئجي رھيا ھئا. ڏاڍي پريشاني ھئي، سوچي سوچي دِماغ چڪرائي رھيو ھو، آخر مون دِل ۾ چيو: ڇڏيو سڀ ڪجھہ! ھلو! جمعو پڙھڻ ھلون ٿا. تنھنڪري مون جمعي جي تياري ڪئي ۽ شھر جي طرف روانو ٿي ويس. جامع مسجد ۾ وڃي مزي سان جمعي جي نماز ادا ڪئي، پوءِ ڳوٺ جي طرف واپس اچي رھيو ھئس، جڏھن پنھنجي ٻنيءَ جي ڀرسان گذريس تہ ڏٺم تہ منھنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڏنل آھي، ڏاڍي حيراني ٿي، ڪنھن کان پڇيُم: منھنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڪنھن ڏنو آھي؟ چوڻ واري چيو: تنھنجو پاڙيسري پنھنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڏئي رھيو ھو، رات ھئي، ننڊ اچي رھي ھئي، تنھنڪري ان غلطي سان تنھنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڏئي ڇڏيو، پوءِ جڏھن احساس ٿيو تہ ٻيھر پنھنجي ٻنيءَ کي ڏنائين. چون ٿا: مون الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ گھر جي طرف ھلي پيس، جيئن ئي دروازو کوليم تہ ڏٺم، منھنجو گڏھ گھر ۾ ٻڌل آھي، مون حيراني سان پڇيو: ھن کي ڪير پڪڙي آيو؟ گھر وارن ٻڌايو: ھي جھنگ جي طرف نڪري ويو ھو، سامھون ان کي شينھن نظر اچي ويو، ھي اَنُ کان ڊڄي ڀڳو ۽ پاڻ ئي گھر

اچي ويو. هاڻي مان اندر ويس تہ ڏٺم: منهنجو اتو پينل آهي. وري حيراني ٿي، گهر وارن کان پڇيم: هي اتو ڪنهن پيهي ڏنو؟ چيائون: پاڙيسري پنهنجو اَٽُ پيهڻ چاهيو پئي پر غلطي سان اُن اسان جو اَٽُ پيهي ڇڏيو، جڏهن ان ڪي معلوم ٿيو تہ اسان جو اٽو، اسان کي ڏئي ويو، پنهنجو اَٽُ وري پيهي ورتائين. هي ماجرو ڏسي منهنجي دِل چوٽ کاڌي تہ ڪٿي تہ اها صُورت هئي جو مون کي 2 نقصان هر صُورت ڪٽڻا پئجي رهيا هئا، ڪٿي هي عالَم آهي جو منهنجا سڀ ڪم پاڻ ئي ٿي ويا آهن. بس ان ڏينهن کان مون توبهہ ڪري ورتي ۽ نيڪ ڪمن کي ترجيح ڏيڻ شروع ڪري ڏني.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي...!!

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ | بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا(2)

وضاحت: اي حسن! منهنجا ڪم غيب مان ڇو نہ بڻجندا؟ ڇو منهنجون مشڪلاتون حل نہ ٿينديون؟ ڏسو تہ مان ڀانهو ڪهڙي وڏي ڪارساز يعني الله رَبُّ العالمين جو آهيان...!!

اي عاشقانِ رسول! هي حقيقت آهي، اسان آخرت کي دُنيا تي ترجيح ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جا اهي ڪم جيڪي سالن کان اٽڪيل آهن، سوين خواهشون آهن، پوريون ٿين ئي نہ ٿيون، ڪيئي خواب اسان سجائي وينا آهيون، هي بہ ڪرڻو آهي، هو بہ ڪرڻو آهي، اسان آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون، الله پاڪ چاهيو تہ دُنيا بہ سنورجي ويندي، بند دروازا بہ کلي ويندا، اڌورا خواب بہ پورا ٿي ويندا ۽ آخرت بہ سنورجي ويندي.

## بيان جو خلاصو

ڪلام جو خُلاصو هي تہ الله پاڪ بني اسرائيل کي فرمايو:

---

[1]... تبصرة الغافل، الباب الثالث عشر فی علامة السعادة ...الخ، صفحه:290۔

[2]... ذوقِ نعت، صفحه:18۔

| | |
|---|---|
| يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَ اِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۴۰﴾ <br> (سيپارو: 1، البقرة: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي يعقوب جي اولاد! ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو مان توهان جو عهد پورو ڪندُس ۽ صرف مون کان ڊڄو. |

ان ۾ اسان جي لاءِ 3 سبق آهن: (1): جڏهن به ڪنهن کي سمجهائڻو هجي، نيڪي جي دعوت ڏيڻي هجي ته ان جي لاءِ سنا سنا، پيارا پيارا ترغيب وارا، نيڪي تي اڀاريندڙ لفظن جي چونڊ ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سمجهائڻ فائدو ڏيندو. جيڪڏهن سخت لهجو، بي رڪا لفظ، چِڙب ڏيڻ وارو رَوَيو اپنائيندا ته سامهون وارو سڌري يا نه سڌري، البت ضِدي ٿي وڃڻ جا امڪان وڌي ويندا (2): ٻيو سبق هي مِليو ته اسان کي الله پاڪ جي ڏنل نعمتن کي ياد ڪندو رهڻ گهرجي بلڪ ٿي سگهي ته وقتًا فوقتًا نعمتن جي لِسٽ ناهيندا رهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ گهڻن نفسياتي مَسئلن کان نجات ملندي ۞ زندگي جون ڪيتريون ئي اُلجهنون دُور ٿي وينديون ۞ دِل کي سڪون ملندو ۽ ۞ الله پاڪ چاهيو ته محبّتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي (3): ٽيون سبق هي مليو ته الله پاڪ جو واعدو نڀايو! يعني نيڪ ڪم ڪريو! الله ۽ رسول جي فرمانبرداري اپنايو! الله پاڪ اسان جي حال تي ڪرم فرمائيندو. آخرت کي دُنيا تي ترجيح ڏيو! نيڪ ڪمن ۾ لڳي وڃو، دُنيا به اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سڌري ويندي ۽ آخرت به بهتر ٿي ويندي. الله پاڪ اسان کي اهي ٽيئي ڪم ڪرڻ، قرآن ۽ سُنّت تي واقعي صحيح معنيٰ ۾ عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بهارِ شريعت موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان تبليغِ علمِ دين ۾ مَصۡرُوفِ عَمَل آهي، هن سلسلي ۾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جي طرفان تمام پياري، نِرالي ۽ تمام فائديمند موبائيل ايپلي ڪيشن بنام بهارِ شريعت (Bahar shariyat) جاري ڪئي وئي آهي، مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي بهترين تصنيف بهارِ شريعت جا ٽيئي جلد هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن ۞ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قُرآني آيتون، حديثون، اصطلاحات ۽ لغت هن ايپلي ڪيشن جو حِصّو آهن۞ توهان هن ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجي ضرورت جو مسئلو سرچ ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعِي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ ڦاٽي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ سُنّت آهي.

**وضاحت:** اسان وٽ! ڪجهہ ماڻهو اهو سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن ڪنهن جمعي جي ڏينهن غسل نہ ڪيو تہ جمعي جي نماز نہ ٿيندي. اصل ۾ مسئلو هي آهي: جنهن جمعي جي ڏينهن غسل نہ ڪيو صرف وضو ڪري نمازِ جمعہ ادا ڪري ورتي تہ ان جي نماز ٿي ويندي. البت جيڪڏهن ڪنهن تي غسل فرض هجي تہ غسل ڪرڻ بغير نماز نٿو پڙهي سگهي جيڪڏهن پڙهي ورتي تہ نماز نہ ٿيندي.[1] دُرِّ مُخۡتَار ۾ آهي تہ نمازِ جمعہ ۽ نمازِ عيد جي لاءِ غسل مسنون آهي.[2] پر ياد رکو...!! نمازِ جمعہ جي لاءِ غسل ڪرڻ

[1]...دارالافتاء اہل سنت، ریفرنس نمبر:WAT-2380 ۔

[2]...رد المحتار علی الدر المختار، جلد:1، صفحہ:168۔

واري جي فضليت تمام گهڻي آهي، جيئن تہ مروي آهي تہ جمعي جو غسل وارَن جي پاڙن مان خطائون ڇڪي وٺندو آهي.[1] اللّٰه پاڪ اسان کي دُرست اسلامي اَحْڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الحسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

اَلْبَاطِنُ

جيڪو ڪنهن کي امانت ڏي يا زمين ۾ دفن ڪري تہ اَلْبَاطِنُ لکي ان شيءِ سان گڏ رکي ڇڏي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪو بہ ان ۾ خيانت نہ ڪري سگهندو.[2] اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... معجمِ ڪبير، جلد:4، صفحہ:352،حديث:7923۔

[2]...مدنی پنج سوره، صفحہ:256۔